# حجَ جو شوق

**16-June-2022**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



16 جون، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# حجَ جو شوق

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... حج جي سعادت ڪنهن کي ملندي آهي...؟

✿... حج عشق جو سفر آهي

✿... اَپاهج (معذور) حاجيءَ جو ايمان تازو ڪندڙ واقعو

✿... حقوق العباد جي ادائيگي حج کان بعد بہ ضروري آهي

✿... حج جي شوقين جو ڪم نهي ويو

پيشڪش

مجلس اَلـمَدِيـنَۃُ الـعِلـمِیـہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

صحابيءِ رسول حضرت جابر بن عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي: الله پاڪ جي آخري نبي رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو مسلمان ميدانِ عرفات ۾ ترسي، اتي قبلي ڏانهن منهن ڪري، پوءِ هي وظيفو 100 ڀيرا پڙهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ

پوءِ سورة اخلاص (يعني قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَد) 100 ڀيرا پڙهي، پوءِ 100 ڀيرا هيٺئن دُرودِ پاڪ پڙهي: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰی اِبْرَاهِيمَ وَ آلِ اِبْرَاهِيمَ اِنَّكَ حَمِيدٌ مَّجِيدٌ وَ عَلَيْنَا مَعَهُمْ (تہ ان کي فضيلت ڪهڙي ملندي آهي؟) الله پاڪ جي آخري نبي رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: الله پاڪ ان ٻانهي سان خوش ٿي ڪري ملائڪن کي فرمائيندو آهي: اي منهنجا ملائڪو! اهو ٻانهو جنهن منهنجي تسبيح بيان ڪئي، منهنجي وڏائي بيان ڪئي، منهنجي عظمت کي بيان ڪيو، منهنجي حمد ۽ ثناء ڪئي، منهنجي نبيءَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود پڙهيو، ملائڪو! ان ٻانهي جي جزا ڇا آهي؟ پوءِ الله پاڪ پاڻ ئي فرمائيندو آهي: اي ملائڪو! گواهہ ٿي وڃو...! بيشڪ مون ان کي بخشي ڇڏيو، سندس

حق ۾ ان جي شفاعت کي قبول ڪيو، جيڪڏهن اهو ٻانهو ميدانِ عرفات ۾ رڪيل تمام ماڻهن جي شفاعت ڪري ته مان ان جي شفاعت قبول ڪندُس.[1]

تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے | سَو درودیں فدا، ہزار سلام
وہ سلامت رہا قیامت میں | پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام [2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون سنتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت افضل ترين عمل آهي.[3] اي عاشقانِ رسول! هر ڪم کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت ٺاهيو ڇو ته چڱي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي. بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثلاً نيت ڪيو! ۞ علم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس. ۞ با ادب ويهندس. ۞ پنهنجي اصلاح جي لاءِ بيان ٻڌندس. ۞ جيڪو ٻڌندس ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مايوس نه ٿيڻ وارو حاجي

حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ الله پاڪ جا ڪامل ولي آهن، ربّ جي محبت ۾ ٿمٿار، عشقِ رسول سان مالا مال، تمام وڏي رتبي واري شخصيت آهن، پاڻ فرمائن ٿا: الله پاڪ مونکي 14 سال لڳاتار حج جي سعادت عطا فرمائي، مان هر سال مڪي شريف ۾ حاضر ٿيندو هيس ۽ ڪعبي شريف جو طواف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندو هيس ۽ هر سال مان اتي هڪ شخص کي ڏسندو هئس، اهو

---

1... شُعب الایمان ، باب فی المناسک، جلد:3، صفحہ:463، حدیث:4074۔

2... ذوقِ نعت، صفحہ:170- 171۔

3... جامع صغیر، صفحہ:81، حدیث:1284۔

خانۂ ڪعبہ جو دروازو پڪڙيل هوندو هو، جڏهن اهو تَلبِيہ (يعني لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ) چوندو هو تہ غيب مان آواز ايندو هو: لَا لَبَّيْكَ (يعني تنهنجو لَبَيّڪ چوڻ قبول ناهي)، حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: 14 هين سال مون ان شخص کان پڇيو: اي درويش! تون ٻوڙو تہ ناهين؟ ڇا توکي ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي؟ تہ لَا لَبَّيْكَ جو آواز اچي رهيو آهي. ان شخص بهايت عشقَ ڀريو جواب ڏنو، چيائين: اي شيخ! مان قسم کڻي ڪري چوان ٿو جيڪڏهن 14 سالن جي بدران منهنجي عمر 14 هزار سال هجي ۽ سال ۾ 1 ڀيري بدران، روزانو 1 هزار ڀيرا مونکي لَا لَبَّيْكَ چيو وڃي، پوءِ بہ مان هن دروازي کي ڇڏي ڪري ڪاٿي نہ ٿو وڃي سگهان، مان هن دروازي تي پيو هوندُس ڪڏهن هن دروازي تان مٿو نہ کڻندُس.

ڪس کے در پر میں جاؤں گا مولا | گر تُو ناراض ہوگیا یا ربّ!

حضرت امام مالڪ بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: اڃان مان ان شخص سان ڳالهائي رهيو هئس تہ اوچتو آسمان مان هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو ان درويش جي سيني تي ڪريو پر ان اهو ڪاغذ مون ڏي وڌايو. مون پڙهيو، ان ۾ لکيل هو: اي مالڪ بن دينار! تون منهنجي ٻانهي کي مون کان پَري ڪرين ٿو، تون سمجهين ٿو تہ مون سندس 14 سالن جا حج قبول (*Accept*) ناهن ڪيا؟ ايئن ناهي، بلڪہ ان مُدت ۾ اچڻ وارن حاجين جا حج بہ هن جي پڪارڻ جي ئي برڪت سان قبول ٿيا آهن. [(1)]

يَا اللّٰهُ يَا رَحْمٰنُ | يَا حنّانُ يَا مَنّانُ
بخش دے بخشے ہوؤں کا صدقہ | یا اللہ مری جھولی بھر دے

اي عاشقانِ رسول! حج جا ڏينهن ويجها آهن ❁خوش نصيب ماڻهو جن کي حج جي سعادت جي خوشخبري (*Good News*) ملي چڪي آهي ❁اهي حج جي

[1]... عاشقانِ رسول کی 130 حکایات، صفحہ:96۔

تيارين ۾ مصروف هوندا ❁قافلا حرم ڏي وڃڻ جي لاءِ تيار هوندا ❁ پرواز (*Flights*) اڏامڻ شروع ٿي چڪي آهي ۽ خوش نصيب عاشقانِ رسول فوج در فوج حرم پاڪ ۾ پهچڻ لڳا آهن ❁الله پاڪ اسان کي بہ هيءَ عظيم سعادت نصيب ڪري ❁اسان بہ احرام ٻڌون ❁حرم پاڪ پهچون ❁ڪعبي شريف جي خوبصورت مهڪندڙ هوائن ۾ ساهہ کڻڻ جي سعادت ملي ❁ڪعبي شريف جا پُر نور نظارن سان اکيون ٺاريون ڪري سگهون ❁ڪڏهن مُلتَزَم (يعني خانہءِ ڪعبہ ۾ اهو حصو جيڪو ڪعبي جي دروازي ۽ حجرہءِ اسود جي وچ ۾ واقع آهي ان) کي چُمي ڏيون ❁ڪڏهن حجرہءِ اسود کي چميون ڏيون ❁ڪڏهن ميزابِ رحمت جي هيٺيان نفل پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿئي ❁مِنٰي، عرفات، مُزدلفہ ۾ وڃڻ ۽ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك جون صدائون بلند ڪرڻ نصيب ٿي وڃي.

يا خدا ایسے اَسباب پاؤں | کاش مکے مدینے میں جاؤں
مجھ کو اَرمان حج کا بڑا ہے | یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے [1]

۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪن ٿا:

بڑا حج پہ آنے کو جی چاہتا ہے | بُلاوا اب آ ئیگا کب یا الٰہی!
میں مکّے میں آؤں مدینے میں آؤں | بنا کوئی ایسا سَبب یا الٰہی! [2]

الله پاڪ اسان سڀني کي حج ۽ عمرو ڪرڻ، ۽ مديني پاڪ ۾ بار بار، بار بار، بار بار با ادب حاضريءَ جي سعادت نصيب فرمائي، ڪاش...! اسان مڪي ۾ وڃون، مديني وڃون وري اچون، وري وڃون وري اچون وري وڃون، ڪاش...!

---

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:137۔
[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ:107۔

آخر مديني ۾ ئي ٻہ گز زمين جو ٽڪرو نصيب ٿي وڃي.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مجھے مرنا ہے آقا گنبدِ خضرا کے سائے میں | وطن میں مر گیا تو کیا کروں گا یا رسولَ الله!

## حج جي سعادت ڪنهن کي ملندي آهي؟

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ اَذِّنْ فِی النَّاسِ بِالْحَجِّ

(سيپارو: 17، سوره حج: 27)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ماڻهن ۾ حج جو عام اعلان ڪري ڇڏ.

مفسرينِ ڪرام هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: ڪعبو شريف جنهن جاءِ تي هاڻي آهي پهريان ٻہ اُتي ئي هو، حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ دور ۾ طوفان (*Storm*) آيو، ان وقت ڪعبي شريف کي ڪنيو ويو هو، پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ دور ۾ الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو: اي ابراهيم! بيتُ الله شريف جي تعمير (اڏاوت) ڪريو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام مڪي شريف تشريف کڻي آيا، پاڻ ڪعبةُ الله شريف جي تعمير ڪيائون، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جيڪي سندن شهزاده هئا، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام ٻہ پنهنجي پيءُ سان گڏجي ڪعبة الله جي تعمير ۾ هٿ ونڊايو ٻنهي پيءُ پٽ ڪعبہ شريف جي تعمير کي مڪمل ڪيو، جڏهن تعمير مڪمل ٿي وئي.

تہ الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو: اي ابراهيم! هاڻي توهان حج جو اعلان ڪري ڇڏيو! ماڻهن کي پڪاريو تہ اهي حج جي لاءِ اچن. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي الله پاڪ! منهنجو آواز ايستائين پهچي سگهندو. ؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: عَلَيْكَ الْاَذَانُ وَ عَلَيَّ الْبَلَاغُ اي ابراهيم! توهان

جو ڪم اعلان ڪرڻ آهي، ماڻهن تائين آواز پهچائڻ اسان جو ڪم آهي. هاڻي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام صفا پهاڙيءَ تي ۽ هڪ روايت جي مطابق جَبَلِ اَبُو قُبَيس تي چڙهيا، پهريان پاڻ تَلبيہ (يعني لَبَّيۡكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡك) پڙهي، روايتن ۾ اچي ٿو: حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سڀ کان پهرين شخصيت آهن جن تَلبيہ پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، تَلبيہ پڙهڻ کان بعد حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ماڻهن کي پڪاريو: يَا اَيُّهَا النَّاسُ! اي انسانو! اِنَّ اللهَ كَتَبَ عَلَيۡكُمۡ حَجَّ الۡبَيۡتِ الۡعَتِيۡقِ بيشڪ الله پاڪ توهان تي هن بيتِ عتيق (يعني ڪعبہ شريف) جو حج فرض ڪيو آهي هڪ روايت ۾ آهي: پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام هيئن اعلان ڪيو: اِنَّ اللهَ يَدۡعُوۡكُمۡ اِلَى حَجِّ الۡبَيۡتِ الۡحَرَامِ اي انسانو! بيشڪ الله پاڪ توهان کي بيت الله جي طرف سڏي ٿو، لِيُثِيۡبَكُمۡ بِهِ الۡجَنَّةَ تہ جيئن حج جي ثواب ۾ توهان کي جنّت عطا فرمائي وَيُخۡرِجَكُمۡ مِنَ النَّارِ ۽ توهان کي حج جي برڪت سان جهنّم کان آزاد ڪري ڇڏي.

روايتن ۾ اچي ٿو تہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي ظاهري حيات ۾ جڏهن ڪعبي شريف جي تعمير ڪئي تہ ان وقت پاڻ هي اعلان ڪيائون پر الله ڪريم جي قدرت حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو معجزو آهي جو ڪين اهو آواز قيامت تائين اچڻ وارن ماڻهن ٻُڌو ۽ جيڪي خوش نصيب (***Lucky***) هئا انهن هن آواز تي لَبَّيۡكَ چيو. (1)

حضرت امام مجاهد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جنهن ان وقت لَبَّيۡكَ چيو هو اهو ئي زندگيءَ ۾ حج جي سعادت ماڻيندو آهي، جنهن هڪ ڀيرو لَبَّيۡكَ چيو هو اهو هڪ ڀيرو حج ڪندو آهي، جنهن ٻہ ڀيرا لَبَّيۡكَ چيو هو اهو ٻہ ڀيرا حج ڪندو آهي ۽ جنهن وڌيڪ ڀيرا لَبَّيۡكَ چيو هو اهو وڌيڪ ڀيرا حج جي سعادت ماڻڻ ۾

---

[1] ... تفسير ڪبير، پاره:17، سورۀ حج، تحت الآية:27، 219/8 ملتقطاً۔

ڪامياب ٿي ويندو آهي. (1)

سُبْحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي ته اڄ جيڪي حاجي حج جي سعادت حاصل ڪن ٿا، پيسا خرچ ڪن ٿا، سفر جون تڪليفون برداشت ڪن ٿا، ڪعبي جي طواف جي سعادت ماڻين ٿا، مِنٰي ۾، ميدانِ عرفات ۾ ترسن ٿا، مُزدلفه ۾ قيام ڪن ٿا، صفا ۽ مروه تي ڊوڙندا ۽ تڪليف برداشت ڪن ٿا، هي عملي طور تي (*Practically*) هن ڳالهه جو اظهار ڪري رهيا هوندا آهن ته اسان به انهن خوش نصيبن ۾ شامل آهيون، جنهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي سڏ تي لَبَّيْك چيو هو.

## حج ڪنهن تي فرض آهي...؟

اي عاشقانِ رسول! حج هر صاحبِ استطاعت مسلمان تي فرض آهي. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا ؕ (سيپارو: 4، سوره آلِ عمران: 97) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اللّٰه جي لاءِ ماڻهن تي هن گهر جو حج ڪرڻ فرض آهي جيڪو ان تائين پهچڻ جي طاقت رکي ٿو. |

خبر پئي جيڪو شخص ڪعبي شريف تائين پهچڻ جي طاقت رکي ٿو، ان تي حج فرض آهي. پاڪ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن استطاعت جي تفسير زَاد ۽ رَاحِلَہ سان ڪئي، رَاحِلہ جو مطلب: سواري، زَاد جو مطلب: سفر جو خرچ. علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: جنهن وٽ ايترو مال آهي جو گهر کان هلي ڪري مڪه مڪرمه پهچي، اتان جي رهائش جا اخراجات، اُتان کان واپسيءَ جا اخراجات ۽ جيترا ڏينهن حج تي لڳندا انهن ڏينهن جو گهر وارن جو خرچ ان وٽ موجود

[1]... تفسير كبير، پاره:17، سورۂ حج، تحت الآية:27، 220/8ـ

هجي، رستو بہ امن وارو (*Peaceful*) هجي تہ ان تي حج فرض ٿي ويندو آهي.[1] ۽ ياد رکو! حج فرض ٿي وڃڻ کان فوراً بعد حج ڪرڻ ضروري آهي، يعني بهانا ڳولهڻ تہ ايندڙ سال هليو ويندُس، ڌيئرن جي شادي ڪَرائي وٺان، ان کان بعد حج جي لاءِ ويندُس، هاڻي ڪاروباري معاملا اٽڪيل آهن هي پورا ڪري وٺان پوءِ حج جي لاءِ ويندُس، هي انداز بلڪل درست ناهي.

عالم سڳورا فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن شخص تي حج فرض ٿي ويو، پر اهو حج تي نہ ويو، بهانا ڪندو رهيو، ٽاريندو رهيو، هن سال نہ ايندڙ سال هليو ويندس، ان کان ايندڙ سال هليو ويندس، اجان وڏي زندگي پئي آهي پوءِ هليو ويندس، ايئن ڪندو رهيو پوءِ ان تي غربت اچي وئي تہ هاڻي بہ ان تي حج فرض آهي، اهڙيءَ صورت ۾ ان تي لازم آهي تہ قرض کڻي ڪري حج تي وڃي، ۽ نيت هيءَ رکي تہ مان هي قرض ادا ڪري ڇڏيندس الله پاڪ ان جي قرض (*Loan*) جو انتظام فرمائيندو.[2]

## فرض حج نہ ڪرڻ جي وعيد

اي عاشقانِ رسول! جيڪو شخص حج فرض هئڻ جي باوجود حج ناهي ڪندو، حج جي سفر جون تياريو ناهي ڪندو اهو تمام گهڻي نقصان ۾ آهي. مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضٰي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو ٻانهو زاد ۽ راحلہ (يعني سواري ۽ سفرِ حج جي خرچ) جو مالڪ هجي جنهن جي ذريعي هو مڪي شريف تائين پهچي سگهي، ان جي باوجود هو حج نہ ڪري تہ چاهي يهودي ٿي ڪري مري يا نصراني ٿي ڪري.[3]

---

[1]... خزائن العرفان، پارہ:4، سورۂ آلِ عمران، تحت الآیۃ:97، صفحہ:126۔

[2]... وقار الفتاوی، جلد:2، صفحہ:442 ملتقطاً۔

[3]... ترمذی، کتاب الحج، صفحہ:223، حدیث:812۔

اَللّٰهُ اکبر! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ڪيڏي سخت وعيد آهي اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْن (يعني تمام جهانن جي لاءِ رحمت) آهن ماڻهن جو ايمان قبول ڪرڻ، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو پسند آهي، جڏهن ڪافر ڪلمو نه پڙهندا هئا، قرآني آيتن تي ايمان نه آڻيندا هئا ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام گهڻو غمگين ٿي ويندا هئا، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪافرن جي ڪلمي نه پڙهڻ سان به غمگين ٿيندا هئا، هو هڪ مسلمان جي لاءِ فرمائن ٿا: حج فرض هئڻ جي باوجود اگر هو حج نٿو ڪري، اهو چاهي يهودي ٿي ڪري مري يا نصراني ٿي ڪري. حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: مطلب هي ته جيڪو حج جو تارڪ آهي (يعني جيڪو حج فرض هئڻ جي باوجود حج ادا ناهي ڪندو) ان جي موت ۾ ۽ يهودي ۽ نصرانيءَ جي موت ۾ ڪو فرق ناهي، الله پاڪ تارڪِ حج سان به ناراض آهي ۽ يهود و نصارٰي سان به ناراض آهي. ها! ٻنهي ناراضگين ۾ فرَق آهي. ۽ جيڪڏهن ڪو اهڙو شخص آهي جيڪو حج ڪندو به ناهي ۽ حج جي فرضيت جو به انڪار ڪندو آهي ته اهو ٻانهو ڪافر ٿي ويندو ۽ ان جي ۽ اهلِ ڪتاب جي ڪفر ۾ ڪو فرق نه رهندو.[1]

| | |
|---|---|
| شَرَف دے حج کا مجھے میرے کبریا یا رب! | روانہ سُوئے مدینہ ہو قافِلہ یا رب! |
| دکھا دے ایک جھلک سبز سبز گنبد کی | بس اُن کے جلووں میں آجائے پھر قضا یا رب! |
| بَوقتِ نَزع سلامت رہے مِرا ایماں | مجھے نصیب ہو کلمہ ہے التجا یا رب![2] |

## حج جو سفر عشق آهي

اي عاشقانِ رسول! حج ڪرڻ وڏي سعادت آهي، جنهن تي حج فرض آهي اهو حج جي لاءِ وڃي ئي وڃي ۽ جيڪو فرض حج ادا ڪري چڪو آهي، جيڪڏهن

[1]... مرآة المناجيح، جلد:4، صفحه:94-

[2]... وسائل بخشش، صفحه:87 ملتقطاً-

www.dawateislami.net

الله پاڪ طاقت ڏني آهي، مال ۽ دولت سان نوازيو آهي ته ان کي گهرجي ته نفل حج جي لاءِ وڃي بلڪ ممڪن هجي ته هر سال وڃي، بار بار وڃي، جنهن کي الله پاڪ توفيق ڏني آهي، اهي حج جي ڏهاڙن جو انتظار نه ڪن، عمري جي لاءِ هليا ويندا ڪن، حرم پاڪ جي فضائن ۾ ساهه کڻڻ به ڪا گهٽ سعادت ناهي.

ياد رکو! دين جي بنياد محبتِ الٰهي ۽ عشقِ رسول تي رکي وئي آهي اعلٰي حضرت فرمائن ٿا: اَ لَآ لَا اِيْمَانَ لِمَنْ لَّا مَحَبَّةَ لَهٗ ٻُڌو...! ان جو ڪو ايمان ناهي جنهن جي دل ۾ محبت جو چراغ ناهي ٻرندو، دين جو بنياد محبتِ الٰهي ۽ عشقِ رسول تي رکيو ويو آهي ۽ حج سڄو ئي عشق جو سفر آهي ❁ٻانهو حج ڪرڻ ويندو آهي ته بنا سُبِيَل ڪپڙا (يعني احرام) پائي وڃندو آهي ❁ڪعبي شريف جي چؤ طرف چڪر لڳائيندو آهي ❁صفا ۽ مروه جي درميان ڊوڙندو آهي ❁منٰي ۾ وڃي ڪري قرباني ڪندو آهي ❁ميدانِ عرفات ۾ ترسندو آهي ❁مُزدلفه ۾ قيام ڪندو آهي ❁جمرات جي مقام تي شيطان کي پٿريون هڻندو آهي، هي اهي ڪم ناهن جيڪي عقل ۾ اچي سگهن، صرف ۽ صرف عشق ئي انهن ڪمن کي سمجهي سگهي ٿو، لهٰذا حج اوّل کان آخر تائين عشق ۽ محبت جو سفر آهي، هن سفر تي اهو ئي ويندو آهي، (جنهن کي) هن سفر جو شوق تڙپائيندو آهي جنهن جي دل ۾ محبتِ الٰهي ۽ عشقِ رسول جا چراغ ٻري رهيا هجن بلڪ جنهن کي عشق ۽ محبت جي دولت نصيب ٿئي، اهي ته مٽي پر به وڃڻ کي غنيمت سمجهندا آهن.

## اپاهج حاجيءَ جو ايمان افروز واقعو

حضرت شفيق بلخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان مڪي پاڪ حج جي لاءِ وڃي رهيو هئس رستي ۾ هڪ شخص ڏٺم، (جيڪو) اپاهج آهي، هلڻ ڦرڻ کان معذور آهي، گوڏن پر مڪي شريف ڏانهن وڃي رهيو آهي مونکي تمام گهڻي حيرانگي ٿي

تہ ھي کھڙو عجيب ماڻھو آھي، ھلڻ ڦرڻ کان معذور آھي پوءِ بہ وڏي شوق ۽ محبت سان مکي پاڪ جي طرف وڃي رھيو آھي.

مان سندس ويجھو ويس ۽ پڇو مانس: ڀاءَ! ڪٿان ڪان آيو آھين؟ چوڻ لڳو: مان سَمرقند ڪان اچي رھيو آھيان. (سمرقند اُزْبُڪِسْتان جو ھڪ صوبو آھي ۽ موجوده نقشي جي مطابق سمرقند ڪان مکي شريف تائين فاصلو تقريباً 4 ھزار 4 سؤ 17 ڪلو ميٽر آھي) ايڏو وڏو سفر ۽ اھو شخص ھلڻ ڪان معذور گوڏن ڀر وڃي رھيو آھي. حضرت شفيق بلخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مونکي وڏي حيرت ٿي ۽ مون ان ڪان پڇيو: ڀاءَ! ڪيترو عرصو ٿيو آھي سمرقند ڪان نڪتي؟ چوڻ لڳو: 10 سال ٿي چڪا آھن. ھاڻي تہ تعجب ۽ حيرانيءَ جي انتھا نہ رھي، حضرت شفيق بلخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حيرت ۾ اچي ڪري تيز نظرون ڄمائي ڪري ان خوش نصيب عاشقِ رسول جي طرف ڏسڻ لڳا. ان پڇيو: اي شفيق! ڇا ٿا ڏسو؟ فرمايائون: مان توھان جي ڪمزوري ۽ ڏگھي سفر ڪان حيران آھيان، ان خوش نصيب عاشقِ رسول وڏو پيارو جواب ڏنو، اي شفيق بلخي! سفر جي دوريءَ کي منھنجو شوق ويجھو ڪري ڇڏيندو ۽ باقي رھي ڳالھ منھنجي ڪمزوريءَ جي تہ منھنجي ڪمزوريءَ جو سھارو منھنجو مالڪ ۽ مولا آھي. [1]

| | |
|---|---|
| فاصلوں کو تکلّف ہے ہم سے اگر | ہم بھی بے بس نہیں بے سہارا نہیں |
| خود اُنہی کو پکاریں گے ہم دور سے | راستے میں اگر پاؤں تھک جائیں گے |

سُبحان الله! اي عاشقانِ رسول! ڏٺو توھان اپاھج حاجيءَ جو جذبو ڪيڏو زبردست آھي اپاھج (يعني ھلڻ ڦرڻ کان معذور) ھئڻ جي باوجود گوڏن ڀر ڪعبي شريف جي شوق ۾ ھلندو پئي ويو ، 10 سالن ڪان مکي شريف جي طرف ھلي رھيو ھو، ان جي جذبي ۽ ھمت تي لکين سلام، صد ڪروڙ مرحبا ان جي جذبي ۽ شوق تي. ھن واقعي ۾ اسان جي لاءِ بہ وڏي عبرت آھي، اھو نادان مسلمان

---

[1] … عاشقانِ رسول کی 130 حکایات، صفحہ:124۔

جيڪو صحت مند ۽ تندرست هئڻ جي باوجود، مال ۽ دولت هئڻ جي باوجود، استطاعت جي باوجود حج جي سفر جي سعادت حاصل ناهي ڪندو. اپاهج حاجي گوڏن پر وجي رهيو هو، ان کي گهران نڪتي 10 سال ٿي چڪا هئا، اجان به سفر ۾ هو. ۽ نادان مسلمان صرف ڪجھ ڪلاڪن جو سفر ڪرڻ جي لاءِ به همت ناهي ڪندو، هاءِ افسوس! ڪاش! اسان کي حج جو شوق نصيب ٿئي، ڪاش...! اسان جي دلين ۾ به محبت الٰهي ۽ عشقِ رسول جي شمع ايئن ٻري جو اسان سڀ ڪجھ ڇڏيون ۽ الله ۽ رسول جي حڪم تي عمل ڪندي حج فرض هجي ته حج جي لاءِ وڃون، جيڪڏهن فرض نه هجي ۽ الله نفل حج جي استطاعت بخشي هجي ته ڪاش! بار بار وڃون.

شَرَف دے حج کا مجھے میرے کبریا یا رَبّ! | روانہ سُوئے مدینہ ہو قافِلہ یا رَبّ!
دکھا دے ایک جھلک سبز سبز گنبد کی | بس اُن کے جلوؤں میں آجائے پھر قضا یا رَبّ!
بَوقتِ نَزع سلامت رہے مرا ایماں | مجھے نصیب ہو توبہ ہے اِلتجا یا رَبّ! (1)

الله پاڪ ان اپاهج حاجي جي صدقي اسان کي به حج جو شوق نصيب فرمائي.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اچو! حج جو شوق وڌائڻ جي لاءِ حج جا فضائل ٻڌون ٿا:

## حج ڪرڻ جي فضيلت تي 3 مبارڪ حديثون

(1): حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، الله جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڀانهو ڪعبي شريف جو طواف ڪري، ان دوران نه فُحش ڳالهيون ڪري، نه ئي گناهه جو ڪم ڪري ته رَجَعَ كَمَا وَلَدَتْهُ أُمُّهُ اهو ايئن

[1] ... وسائلِ بخشش، صفحہ:87 ملتقطاً۔

www.dawateislami.net

موٽندو جيئن ان جي ماءُ ان کي ڄڻيو آهي. [1] (2): بخاري شريف جي حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلْعُمْرَةُ اِلَى الْعُمْرَةِ كَفَّارَةٌ لِّمَا بَيْنَهُمَا هڪ عمرو ٻئي عمري تائين وچ واري گناهن جو ڪفارو آهي، وَالحَجُّ المَبْرُوْرُ لَيْسَ لَهٗ جَزَاءٌ اِلَّا الْجَنَّةُ ۽ مقبول حج جي جزا صرف ۽ صرف جنّت آهي. [2] (3): مسلم شريف جي حديث پاڪ آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ الْحَجَّ يَهْدِمُ مَاكَانَ قَبْلَهٗ بيشڪ حج پهريان جي گناهن کي معاف ڪرائي ڇڏي ٿو. [3]

## حقوق العباد جي ادائيگي حج کان بعد ۾ ضروري آهي

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو ايمان ۽ نيڪ اعمال گناهن جي معافيءَ جو ذريعو آهن، عالم سڳورا فرمائن ٿا: عمرو ڪرڻ سان صغيره گناهَ معاف ٿي ويندا آهن ۽ مقبول حج ۾ ڪبيره گناهن جي معافي جي قوي اميد آهي.

هتي هي خيال رهي ته حج جي برڪت سان گناهه ته ڌوپجي ويندا، پر حقوق العباد کان ڇوٽڪارو نه ملندو، مثال طور ڪنهن قرض ورتو هو، قرض جي ادائيگيءَ ۾ ان دير ڪئي، ته ان تاخير جو گناهه حج ڪرڻ سان معاف ٿي ويندو، پر جيڪا رقم ورتل آهي اها موٽائڻي ئي پوندي (ڇو ته اها رقم ان جو حق آهي).

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حاجي 400 ماڻهن جي شفاعت ڪندو

حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ روايت ڪن ٿا: الله پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: حاجي پنهنجي اهلِ خانه مان 4 سؤ ماڻهن جي شفاعت ڪندو ۽ حاجي گناهن کان ايئن نڪري ويندو آهي جيئن ان جي ماءُ

---

[1]... بخاری، کتاب الحج، باب فضل الحج المبرور، صفحہ:423، حدیث:1521۔

[2]... بخاری، کتاب العمرۃ، صفحہ:475، حدیث:1773۔

[3]... مسلم، کتاب الایمان، باب کون الاسلام یہدم، صفحہ:63، حدیث:121۔

ان کي ڄڻيو هو. [1]

## حاجي جي لاءِ بخشش جي خوشخبري

حضرت ابو ذَر غِفاري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي رسولِ رحمت، شفيعِ امَّت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: الله پاڪ جي نبي داؤد عَلَیۡہِ السَّلاَم الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: اي الله پاڪ! جيڪي تنهنجي گهر يعني ڪعبہ شريف جي زيارت جي لاءِ اچن، انهن ٻانهن جي لاءِ ڪيترو اجر آهي؟ الله پاڪ فرمايو: اي داؤد! بيشڪ جيڪي منهنجي ڪعبي جو حج ڪن، تہ منهنجي ذمہِ ڪرم تي آهي تہ مان انهن کي دنيا ۾ معاف ڪري ڇڏيان ۽ (قيامت جي ڏينهن) جڏهن اهي مون سان ملن تہ مان انهن جي بخشش فرمائي ڇڏيان. [2]

الله جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن عرفہ جو ڏينهن ٿيندو آهي، الله پاڪ ملائڪن جي سامهون فخر فرمائيندو آهي، ارشاد ٿيندو آهي: اي ملائڪو! منهنجي ٻانهن کي ڏسو! پريشان حال، وڪريل وارن سان پري پري کان آيا آهن، مان توهان کي گواهه بڻايان ٿو بيشڪ مون انهن کي بخشي ڇڏيو. ملائڪ عرض ڪندا آهن: اي الله پاڪ! انهن ۾ گنهگار بہ آهن تنهن تي الله پاڪ فرمائيندو آهي: بيشڪ مون انهن کي بہ بخشي ڇڏيو. [3]

| | |
|---|---|
| يَا اَللّٰهُ يَا رَحْمٰنُ | يَا حَنَّانُ يَا مَنَّانُ |
| بخش دے بخشے ہوؤں کا صدقہ | یَا اَللّٰہ مری جھولی بھر دے |

## حج ڪمزورن جو جهاد آهي

شهيدِ ڪربلا حضرت سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي: هڪ ڀيري هڪ شخص الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾

---

1... مسند بزار، جلد:8، صفحہ:170، حديث:3196۔

2... معجم اوسط، جلد:4، صفحہ:297، حديث:6037۔

3... کنز العمال، کتاب الحج، جُز:5، جلد:3، صفحہ:29، حديث:12098۔

حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان تمام گهڻو ڪمزور آهيان، جهاد تي نٿو وڃي سگهان، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: :هَلُمَّ اِلٰى جِهَادٍ لَا شَوْكَةَ فِيهِ: اَلْحَجّ توهان ان جهاد جي طرف وَڌو! جنهن ۾ ڪَنڊي جو خطرو ناهي يعني حج ادا ڪندا ڪريو. [1]

## مَبْرُور حج جي فضيلت

رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: حَجَّةٌ مَّبْرُوْرَةٌ خَيْرٌ مِّنَ الدُّنْيَا وَ مَا فِيْهَا مَبْرور حج يعني مقبول حج دنيا ۽ جيڪو ڪجهه دنيا ۾ آهي انهن سيني کان بهتر آهي وَ حَجَّةٌ مَّبْرُوْرَةٌ لَيْسَ لَهَا جَزَاءٌ اِلَّا الْجَنَّة ۽ مقبول حج جي جزا صرف ۽ صرف جنّت ئي آهي. [2]

## مَبْرُور حج ڪنهن کي چوندا آهن؟

مبرور حج مان مراد اهو حج آهي: جنهن ۾ گناهه کان بچيو وڃي، يا اهو حج جنهن ۾ ريا ۽ نمائش کان پرهيز هجي، يا اهو حج جنهن ۾ حاجي مرڻ وقت تائين گناهن کان بچي، حج برباد ڪرڻ وارو ڪو عمل نہ ڪري. [3]

## حج جي سفر ۾ مرڻ واري جي فضيلت

پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو حج جي لاءِ نڪتو ۽ فوت ٿي ويو تہ قيامت تائين ان جي لاءِ حج ڪرڻ واري جو ثواب لکيو ويندو ۽ جيڪو عمري جي لاءِ نڪتو ۽ فوت ٿي ويو ان جي لاءِ قيامت تائين عمرو ڪرڻ واري جو ثواب لکيو ويندو. [4]

---

[1]... معجم اوسط، جلد:3، صفحہ:190، حديث:4287۔

[2]... احياء علوم الدين، كتاب اسرار الحج، جلد:1، صفحہ:317۔

[3]... مرآة المناجيح ، جلد:5، صفحہ:727۔

[4]... مسند ابی يعلی، مسند ابو ہريرة، جلد:5، صفحہ:44، حديث:6350۔

## روزانو 120 رحمتون نازل ٿينديون آهن

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا روايت ڪن ٿا: الله جي رسول، رسول مقبول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله پاڪ حاجين تي روزانو 120 رحمتون نازل فرمائيندو آهي، انهن مان 60 رحمتون طواف ڪرڻ وارن جي لاءِ، 40 رحمتون ڪعبي جي زيارت ڪرڻ وارن جي لاءِ آهن. (1)

## شيطان حقير ۽ ذليل ٿي ويندو آهي!

حضرتِ طلحہ بن عبيد الله رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا ڪان روايت آهي: رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: شيطان سڀ ڪان وڌيڪ حقير سڀ ڪان وڌيڪ ذليل ۽ سڀ ڪان وڌيڪ ڪاوڙ ۾ صرف عرفہ جي ڏينهن ڏٺو ويندو آهي ۽ هي ان ڪري آهي جو عرفہ جي ڏينهن ميدانِ عرفات ۾ وقوف ڪرڻ وارن تي الله پاڪ جون رحمتون تمام گهڻيون وسنديون آهن ۽ الله پاڪ انهن جي وڏن وڏن گناهن کي بخشي ڇڏيندو آهي. (2)

## حاجي ڪان مغفرت جي دعا ڪَرايو!

هڪ حديث ۾ آهي نبي اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ حاجين جي لاءِ دعا ڪئي: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِلْحَاجِّ اي الله حاجين جي مغفرت فرماءِ، وَ لِمَنِ اسْتَغْفَرَ لَهُ الْحَاجُّ ۽ ان جي بہ بخشش فرماءِ جنهن جي لاءِ حاجي مغفرت جي دعا ڪندو آهي. (3)

هڪ روايت ۾ آهي: اَلْحُجَّاجُ وَ الْعُمَّارُ، وَفْدُ اللهِ اِنْ دَعَوْهُ اَجَابَهُمْ، حاجي ۽ عمرو ڪرڻ وارا الله پاڪ جو وَفد آهن، جيڪڏهن هي ربّ ڪان دعا گهرن الله قبول فرمائيندو آهي وَ اِنِ اسْتَغْفَرُوهُ غَفَرَ لَهُمْ ۽ جيڪڏهن هي الله پاڪ ڪان بخشش گُهرن الله انهن

---

1... شُعب الايمان، باب فی المناسک ، جلد:3، صفحہ:455، حديث:4051۔

2... ڪنز العمال، ڪتاب الحج، جُز:5، جلد:3، صفحہ:29، حديث:12101۔

3... مستدرک، ڪتاب المناسک، جلد:2، صفحہ:84، حديث:1654۔

کي بخشي ڇڏيندو آهي. [1]

حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي: رسولِ اکرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن توهان حاجيءَ سان ملو ته ان کي سلام ڪريو ان سان هٿ ملايو ۽ ان جي گهر پهچڻ کان پهريان پهريان ان کان مغفرت جي دعا ڪرايو، بيشڪ اهو بخشيل آهي. [2]

## سوال به پاڻ ٻڌايائون ۽ جواب به پاڻ ڏنائون

ابنِ حبّان جي روايت آهي، هڪ ڀيري هڪ انصاري صحابي پياري آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ڪجهه سوال پڇڻ جي لاءِ حاضر ٿيو، رسولِ اکرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪڏهن توهان چاهيو ته مون کان سوال ڪيو! جيڪڏهن چاهيو ته مان ئي توهان کي توهان جا سوال به ٻڌايان ۽ انهن جا جواب به ٻڌايان. صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم توهان ئي ارشاد فرمايو ته مان ڇا پڇڻ آيو آهيان؟ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان پڇڻ آيا آهيو ته حاجي پنهنجي گهر کان نڪرندو آهي ته ان جي لاءِ ڪهڙو ثواب آهي؟ جڏهن اهو ميدانِ عرفات ۾ ترسندو آهي ته ان جي لاءِ ڪهڙو ثواب آهي؟ جڏهن حاجي آخري طواف پورو ڪري وٺندو آهي ته ان جي لاءِ ڪهڙو ثواب آهي؟ انصاري صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ان ذات جو قسم! جنهن توهان کي سچو نبي بڻائي ڪري موڪليو، بيشڪ توهان سڀ سوال درست ارشاد فرمايا، هاڻي انهن جا جواب به عطا فرمايو، پياري آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن حاجي پنهنجي گهر کان نڪرندو آهي ته ان جي سواري جي هر قدم جي بدلي ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي آهي ۽ ان جو هڪ گناهه معاف

---

[1]... ابن ماجہ، کتاب المناسک، صفحہ:469، حدیث:2892۔

[2]... جامع صغیر، صفحہ:58، حدیث:847۔

ڪيو ويندو آهي، جڏهن اهو ميدانِ عرفات ۾ ترسندو آهي ته الله پاڪ پنهجي شان جي لائق دنيا جي آسمان تي تجلي فرمائيندو آهي: اي ملائڪو! گواهه ٿي وڃو! مون انهن جا گناهه معاف ڪري ڇڏيا توڙي جو مينهن جي قطرن (**Rain drops**) ۽ واريءَ جي ذرن جي برابر هجن.

رسول اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وڏيڪ فرمايو: جڏهن حاجي جمرات جي رَمي ڪندو (يعني شيطان کي پٿريون هڻندو) آهي ته قيامت تائين ان جو ثواب ڪير به نه ٿو ڄاڻي سگهي، جڏهن اهو پنهنجو مٿو ڪوڙائيندو آهي ته ان جي مٿي تان ڪرڻ واري هر وار جي بدلي قيامت جي ڏينهن نور ٿيندو، ۽ جڏهن حاجي ڪعبي شريف جو آخري طواف ڪندو آهي ته گناهن کان ايئن پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن ان ڏينهن هو جڏهن ان جي ماءُ ان کي ڄڻيو هو. [(1)]

سُبۡحان الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! حج ڪرڻ جا ڪهڙا زبردست فضائل آهن۞ حاجي گهر کان نڪرندو آهي ته ان جي هر قدم جي بدلي هڪ نيڪي لکي ويندي آهي۞ هڪ گناهه مٽايو ويندو آهي۞ ميدانِ عرفات ۾ ان جا سمورا گناهه معاف ڪيا ويندا آهن۞ حاجي جڏهن شيطان کي پٿريون هڻندو آهي ته ان کي بي شمار اجر عطا ڪيو ويندو آهي۞ حاجي جڏهن بيت الله جو آخري طواف ڪندو آهي ته اهو گناهن کان بلڪل پاڪ ٿي ويندو آهي۞ مقبول حج جي جزا جنّت آهي۞ حج گزشته گناهن کي مٽائي ڇڏيندو آهي۞ حاجي پنهنجي گهر وارن مان 14 سؤ ماڻهن جي شفاعت ڪندو۞ حاجي جنهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪري ان جي به مغفرت ٿي ويندي آهي۞ حاجي الله جو مهمان (**Guest**) آهي۞ حاجي جي دعا قبول ڪئي ويندي آهي۞ حاجي جي تنگدستي مٽائي ويندي آهي۞ جيڪو حاجي حج جي سفر ۾ فوت ٿي وڃي قيامت جي ڏينهن

[1]... صحيح ابن حبان، كتاب كتاب الصلاة، صفحه:586، حديث:1887.

پنهنجي قبر مان بلند آواز سان تَلبيہ (يعني لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك) پڙهندي اٿندو۞ حاجيءَ کي سفر جي دوران هڪ روپيو خرچ ڪرڻ جي بدلي 10 لک رپيا خرچ ڪرڻ جو ثواب ملندو۞ حاجي طواف جو شرف حاصل ڪندو آهي تہ ان تي 60 رحمتون وسنديو آهن۞ حاجي مسجدِ حرام (يعني جتي خانهءِ ڪعبہ آهي، ان مسجد) ۾ نماز پڙهندو آهي تہ ان کي 40 رحمتون نصيب ٿينديون آهن۞ حاجي مسجدِ حرام ۾ پهچي ڪري صرف ڪعبي شريف جي زيارت ڪري تہ ان تي 20 رحمتون نازل ٿينديون آهن.

سُبحان الله! هي ڪيڏا عظيم فضائل آهن، الله پاڪ اسان کي بہ حج جو شوق نصيب فرمائي، ڪاش...! اسان بہ حج جي سعادت نصيب ڪريون، ياد رکو! حج ڪرڻ جي لاءِ پيسن جي نہ بلڪ سچي تڙپ جي ضرورت آهي، ربَّ وٽ سچي طلب ۽ سچي تڙپ ڏٺي ويندي آهي، جيڪڏهن تڙپ سچي هجي، شوق سچو هجي تہ الله ڪريم جون رحمتون ضرور ملنديون آهن، ضرور ڪرم جي نظر ٿيندي آهي ۽ ٻانهي کي حج جي سعادت ملي ئي ويندي آهي.

## هند کان اوچتو ڪعبي جي سامهون

هند جو هڪ واقعو آهي. هڪ ڀيري حج جا ڏينهن هئا، 9 ذوالحج (يعني عرفات جو ڏينهن هو)، هڪ پوڙهو شخص جيڪو گاهہ ڪندو هو اهو پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو هو، اوچتو دل ۾ حج جو شوق جاڳيو، خيال آيو تہ اڄ عرفہ جو ڏهاڙو آهي، حاجي ميدانِ عرفات ۾ جمع هوندا ۽ ربّ ڪريم جي بارگاهہ ۾ دعائون، التجائون ڪري رهيا هوندا، هي خيال ايندي ئي درد ڀري دل مان هڪ آهہ نڪتي ۽ تمام گهڻي حسرت سان پوڙهي شخص چيو: ڪاش...! مان بہ حج سان مشرف ٿيو هجان ها...!!

ويجهو ئي حضرت شيخ جهانگير سَمناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف فرما هئا، پاڻ پوڙهي شخص جي حسرت ڀريو آواز ٻڌائين تہ انهن کي پاڻ وٽ گهرايائون،

پوڙهو شخص حضرت شيخ جهانگير سَمناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، حضرت شيخ جهانگير سَمناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زبان سان نہ بلڪ هٿ جي اشاري سان فرمايو: وجو! بس ايتري اشاري ٿيڻ جي دير هئي، پوڙهو شخص ڇا ٿو ڏسي! هاڻي جيڪو هند ۾ هو، اشارو ٿيندي ئي مسجدِ حرام شريف ۾ ڪعبہ شريف جي سامهون موجود آهي.

اَللّٰهُ اَكْبَرُ! پوڙهي شخص جي تہ عيد ٿي وئي، حج جو شوق هو، حج جي حسرت هئي، انهن جهومي جهومي ڪري طوافِ ڪعبہ ڪيو، ميدانِ عرفات ۾ پهتا، حج جا ٻيا رڪن مڪمل ڪيا، جڏهن حج جا ڏينهن پورا ٿي ويا، تہ هاڻي پوڙهي شخص کي خيال آيو تہ مون وٽ تہ واپسيءَ جو خرچ ناهي، مان تہ الله جي وليءَ جي ڪرامت جي ذريعي هتي پهتو هئس، جيئن ئي خيال آيو تہ پوڙهي شخص حضرت شيخ جهانگير سَمناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پنهنجي سامهون بيٺل ڏٺو، هاڻي حضرت شيخ جهانگير سَمناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻيهر اشاري سان فرمايو: وجو! هاڻي ڇا ٿا ڏسن تہ پوڙهو شخص هاڻي جيڪي مسجدِ حرام شريف ۾ هئا هاڻي هِند ۾ پنهنجي گهر ۾ موجود آهن.[1]

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حَسنؔ | بندہ بھی ہُوں تو کیسے بڑے کار ساز کا[2]

اي عاشقانِ رسول! ٿي سگهي ٿو ڪنهن جي دل ۾ وسوسو اچي تہ هيءُ ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ جو هند ۾ ويٺل شخص فوراً هزارين ڪلو ميٽر پري جو سفر طئي ڪري مڪي شريف پهچي وڃي، هن وسوسي جي ٽوڙ جي لاءِ عرض آهي تہ هي الله جي ولين جي ڪرامت آهي ۽ الله پاڪ پنهنجن نيڪ ٻانهن کي، اولياءِ ڪرام کي ڪرامتن سان نوازيندو آهي ۽ هي جيڪا ڪرامت آهي هند کان يڪدم مڪي شريف پهچي وڃڻ، هن ڪرامت کي طَئُي الْاَرض (يعني زمين

[1]... عاشقان رسول کی 130 حکایات ، صفحہ:79۔

[2]... ذوق نعت، صفحہ: 14۔

کي وکوڙڻ، فاصلي کي گهٽ کري ڇڏڻ) چوندا آهن ۽ طَئُي الْاَرض جو ثبوت تہ قرآنِ کريم ۾ بہ آهي. جي ها! حضرتِ سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جو هڪ امّتيءَ حضرت آصف بن برخيا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پاڻ بہ الله پاڪ جو ڪامل ولي هو. حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جو دربار لڳل هيو، حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: ڪير آهي جيڪو مَلِڪہ بلقيس جو تخت مون وٽ کڻي اچي؟ حضرت آصف بن برخيا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| اَنَا اٰتِيۡكَ بِهٖ قَبۡلَ اَنۡ يَّرۡتَدَّ اِلَيۡكَ طَرۡفُكَ ؕ<br>(سيپارو:19، سورة نمل: 40) | ترجمو ڪنز العرفان: مان ان کي اوهان جي بارگاهہ ۾ اوهان جي اک ڇنڀ کان اڳ ۾ کڻي ايندس |

يعني الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلَام مان اکيون ڇنڀڻ کان پهريان ملِڪہ بلقيس جو تخت توهان جي خدمت ۾ حاضر کري ڇڏيندُس.

سُبۡحان الله! پوءِ ايئن ئي ٿيو، مِلڪہ بلقيس جو تخت مُلڪِ يمن ۾، 7 ڪمرن ۾ بند هو، تالا لڳل هئا، حضرت آصف بن برخيا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه الله پاڪ جي عطا ڪيل طاقت جي ذريعي ڪرامت طور اک ڇنڀڻ جي دير ۾ ملڪہ بلقيس جو تخت يمن ملڪ کان حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي خدمت ۾ حاضر کري ڇڏيائون. خبر پئي، الله پاڪ جي ولين جي لاءِ زمين سُوڙهي ٿي ويندي آهي، فاصلا گهٽ ڪيا ويندا آهن، لهٰذا ان معاملي ۾ وسوسا پيدا ڪرڻ کان بچڻ گهرجي. الله پاڪ اسان سيني کي مڃڻ وارو عقل نصيب فرمائي.

| | |
|---|---|
| عقل کو تنقید سے فرصت نہیں | عشق پر اعمال کی بنیاد رکھ |

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حج جي شوقين جو ڪم بڻجي ويو

امام ابنِ جوزي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ عاشقِ رسول هو، ان کي حج تي وڃڻ

جو وڏو شوق هو، 3 سالن تائين لڳاتار اهو حج جي لاءِ دعائون ڪندو رهيو، روئي روئي ڪري ربّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندو رهيو:

بڑا حج پہ آنے کو جی چاہتا ہے | بُلاوا اب آ ئیگا کب یا الٰہی!
میں مکّے میں آؤں مدینے میں آؤں | بنا کوئی ایسا سَبب یا الٰہی! (1)

لڳاتار 3 سال دعائون ڪندو رهيو پر ان جي دل جي حسرت پوري نه ٿي، چوٿين سال حج جي موسم هئي، دل ۾ حرمين شريفين پهچڻ ۽ ڪعبي شريف جي زيارت جو شوق پيدا ٿيو، ان تڙپي تڙپي الله ڪريم جي بارگاهه ۾ دعائون ڪيون، هن ڀيري ان تي ڪرم ٿي ئي ويو، بهرحال هڪ رات جڏهن هو سُتو ته سُتل قسمت جاڳي پئي، اک لڳي ته دل جي اک کلي وئي، نصيب ناهڻ وارا آقا، هڪ عاشقِ رسول جي دل جي حسرت کي پورو ڪرڻ جي لاءِ خواب ۾ تشريف ڪٺي آيا.

اُمّت کے حال سے وہ آگاہ ہر گھڑی ہیں | خوابوں میں آرہے ہیں، بِگڑی بنا رہے ہیں

رسولِ رحمت شفيع امّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي ان عاشق کي فرمايو: تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجانءِ

اَللّٰهُ اَكْبَر! رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبان مبارڪ مان حج جي اجازت جي خوشخبري ٻُڌندي ئي ان عاشقِ رسول جي اک کلي وئي. بارگاهِ نُبوت مان حج جي اجازت ملي چڪي هئي، ان جي دل خوشيءَ مان جهومي رهي هئي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو آواز ان جي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو، اهو تمام گهڻو خوش هو، پر اوچتو ياد آيو ته حج جي اجازت ته ملي وئي آهي پر مون وٽ ته ايترا اسباب ئي ناهن جو حج تي وڃي سگهان، هي خيال اچڻ جي دير هئي، سڄي خوشي غم ۾ تبديل ٿي وئي.

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:107۔

ٻئي رات ٿي، وري رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **خواب** ۾ تشريف کڻي آيا، پوءِ ارشاد فرمايائون: تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجانءِ.

اهو عاشقِ رسول پنهنجي سامان نہ هئڻ جو ذڪر نہ ڪري سگهيو، ٽئين رات وري ڪرم ٿيو، وري **الله** جا رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **خواب** ۾ تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: تون هن سال حج تي هليو وڃجانءِ. هن پيري بہ پنهنجي پريشاني بيان نہ ڪري سگهيو، آخر چوٿينءَ رات وري ڪرم ٿيو، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **خواب** ۾ تشريف کڻي آيا تہ ان عرض ڪري چيو تہ يا رسولَ **الله** يا حبيبَ **الله** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ تہ سفر جو خرچ بہ ناهي مان ڪيئن ٿو حج تي وڃي سگهان ؟

| | |
|---|---|
| کر دو کوئی انتظام تم پہ کروڑوں سلام | پاس مال و زَر نہیں اُڑنے کو بھی پَر نہیں |

پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇو نہ؟ تو وٽ سفر جو خرچ آهي، تو پنهنجي گهر جي فلاڻي جڳهہ کوٽ، اتي تنهنجي ڏاڏي جي زِرَهہ موجود هوندي، ايترو فرمائي ڪري نور جا پيڪر تمام نبين جا سَرْوَر صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي ويا، صبح جو عاشقِ رسول جي اک کُلي، تمام گهڻو خوش ٿيا، نماز فجر ادا ڪرڻ کان بعد آقا ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻڌايل جڳهہ کان کوٽڻ شروع ڪيو، واقعي اتي هڪ قيمتي زِرَهہ موجود هئي، ان اها زِرَهہ فروخت ڪئي ۽ حج جي لاءِ روانو ٿي ويو.[1]

| | |
|---|---|
| جسے چاہا اپنا بنا لیا | جسے چاہا دَر پہ بُلا لیا |
| یہ بڑے نصیب کی بات ہے | یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے |

**اي عاشقانِ!** خبر پئي! حج جي لاءِ مال ۽ اسباب جي نہ، سوچ ۽ تڙپ جي ضرورت آهي، لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي دل ۾ شوقِ حج وڌايون، حج جا فضائل پڙهون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيۡم! دل ۾ حج جو شوق پيدا ٿيندو، ڪاش!

[1]... عيون الحكايات، جلد:2، صفحه:223ـ

اسان پنهنجو معمول بڻايون ته رات جو ڪنهن وقت اڪيلائيءَ ۾ ويهون ڪڏهن ڪعبي شريف جو تصور ڪريون، ڪڏهن منٰي شريف جو تصور ڪريون، تصور ئي تصور ۾ ڪڏهن ميدانِ عرفات ۾ پهچون، ڪڏهن لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ جون صدائون لڳايون، صفا ۽ مروه جي سعي ڪريون. پوءِ پنهنجي محروميءَ ڪي تصور ۾ آڻي الله ڪريم جي بارگاهه ۾ روئي روئي ڪري دعائون گهرون: اي الله! مون کي حج جي سعادت عطا فرماءِ، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! حج جو شوق پيدا ٿيندو، اکين مان ڳوڙها نڪرندا، ته الله پاڪ جي رحمت ۾ وڏي اميد آهي ته ڪرم ٿيندو، دل ۾ حج جو شوق به وڌندو ۽ الله چاهيو ته حج جو پيغام به نصيب ٿي ئي ويندو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جا تمام خوبصورت 3 ڪتاب آهن: عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون، رَفِيْقُ الْحَرَمَيْن ۽ رَفِيْقُ الْمُعْتَمِرِيْن هي ڪتاب پڙهو، دل ۾ حج جو شوق وڌائڻ جي لاءِ تمام بهترين نسخا آهن. پنهنجي والدين ۽ مرحومين جي ايصال ثواب جي لاءِ ۽ پنهنجي قبر ۽ آخرت کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ حج ۽ عمري تي وڃڻ وارن کي تحفي ۾ پيش ڪريو، حاجي ۽ عمرو ڪرڻ وارا هنن ڪتابن کي پڙهندا ، چڱي انداز ۾ حج ۽ عمرو ادا ڪري سگهندا ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان کي به ان جون برڪتون ملنديون، ڪهڙي خبر ته ان نيڪ عمل جي صدقي اسان کي به مديني پاڪ ۽ مڪي شريف جو پيغام ملي وڃي.

جان و دِل ہوش و خرد سب تو مدینے پہنچے | تم نہیں چلتے رضا سارا تو سامان گیا

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

اي عاشقانِ رسول! حج جو شوق وڌائڻ جي لاءِ صحبت به وڏو اثر رکندي آهي، ان ڪري دل ۾ نيڪين جي رغبت وڌائڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ، حج ۽ مديني جو شوق وڌائڻ، مڪي مديني جي محبت سان دل کي پُرنور بڻائڻ جي لاءِ

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدني قافلو پڻ آهي.

## مديني جي سفر جي سعادت ملي وئي!

شيخوپوره (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي: الحمد لله! مونکي عمرو ڪرڻ جو شرف مليو، اتي قصور (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ قاري صاحب سان ملاقات ٿي، انهن ٻڌايو مون دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي ۽ اتي خوب روئي روئي ڪري مديني پاڪ جي حاضري جي لاءِ دعا گهري.

دعا جي قبوليت جا آثار هيئن ظاهر ٿيا تہ جڏهن قافلي کان واپس آيس ۽ معمول جي مطابق ٻارن کي قرآنِ پاڪ پڙهائڻ جي لاءِ ڪنهن جي گهر پهتس. تہ گهر جو مالڪ تمام گهڻو مهربانيءَ سان پيش آيو ۽ چيو: قاري صاحب! مَا شَاءَ الله! توهان اسان جي ٻارن کي قرآنِ پاڪ جي تعليم ڏيو ٿا، جيڪڏهن توهان جي ڪا خواهش هجي تہ ٻڌايو، شروع ۾ مون بهانا ڪري ٽاري ڇڏيو پر انهن جي اصرار تي چيم تہ مديني جي ديدار جي آرزو آهي. انهن مونکي فوراً اخراجات پيش ڪيا ۽ ايئن الحمد لله مدني قافلي ۾ دعا ڪرڻ جي برڪت سان مون جهڙي گنهگار ۽ غريب ماڻهوءَ کي مديني پاڪ جي حاضريءَ جو شرف نصيب ٿي ويو.

مانگو آ کر دُعا پاؤ گے مُدّعا | در کرم کے کھلیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہیئے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ماهوار فيضان مدينه ايپليڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمينٽ جي طرفان ماهوار فيضانِ مدينہ ايپليڪيشن متعارف ڪرائي وئي آهي، هن ايپليڪيشن ۾ هي بهترن آپشنز (***Options***) موجود آهن: ❀ پويان تمام ماهوار فيضانِ مدينہ جي ***PDF*** ❀ تمام ماهوار جا مضمون (آرٽيڪلز) ٽيڪس جي صورت ۾ موجود آهن، جن کي ڪاپي ڪري شيئر بہ ڪري سگهجي ٿو ❀ سرچ آپشن (***Search option***) جنهن ۾ تمام ماهوار مان سرچ ڪري ڪا بہ شيءِ ڳولي سگهجي ٿي ❀ تمام مضمون موضوعن جي اعتبار سان ترتيب ڏنا ويا آهن، پنهنجي اسمارٽ فون ۾ ايپليڪيشن ڊاؤن لوڊ (***Download***) ڪري وٺو! پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي ترغيب بہ ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قبرستان جي حاضري جون سنّتون ۽ آداب

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1): قبرن جي زيارت ڪيو ڇو تہ هي دنيا ۾ بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندڙيون آهن.[2] (2): جيڪو پنهنجي والدين

---

[1]... مشکوٰة، کتاب: الايمان، باب: الاعتصام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔

[2]... ابن ماجہ، کتاب الجنائز، باب ما جاء فی زيارة القبور، صفحہ:252، حديث:1571۔

ٻنهي يا هڪ جي قبر جي هر جمعي جي ڏينهن زيارت ڪندو، ان جي مغفرت ٿي ويندي ۽ نيڪوڪارن ۾ لکيو ويندو.[1]

اي عاشقانِ رسول!۞ قُبورِ مُسلمين (يعني مسلمانن جي قبرن) جي زيارت سنّت ۽ ولين سڳورن جي قبرن ۽ شهيدن جي قبرن جي حاضري سعادت مٿان سعادت ۽ انهن کي ايصالِ ثواب پسنديده عمل آهي۞ مزار شريف يا قبر جي زيارت جي لاءِ ويندي رستي ۾ فضول ڳالهيون نہ ڪيو۞ قبر کي تعظيمي سجدو ڪرڻ حرام آهي ۽ عبادت جي نيّت هجي تہ ڪُفُر آهي۞ قبرستان ۾ ان عام رستي کان وجو، جتي ماضيءَ ۾ ڪڏهن بہ مسلمانن جون قبرون نہ هيون، جيڪو رستو نئون نهيل هجي ان تي نہ هلو. فتاوٰي شامي ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ڊاهي ڪري) جيڪو نئون رستو ڪڍيو ويو ان تي هلڻ حرام آهي۞ بلڪ نئين رستي جو صرف گمان (يعني شڪ) هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز و گناهہ آهي۞ ڪيئي ولين جي مزارن تي ڏنو ويو آهي تہ زائرين جي سهولت خاطر مسلمانن جون قبرون مِسمار (يعني پَٽجي) ڪري فرش ناهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي سمهڻ، هلڻ، ويهڻ، تلاوت ۽ ذڪر و اذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، جتي اهڙي صورتحال هجي اتي پري کان ئي فاتحہ پڙهي وٺو۞ قبر جي مٿان اگربَتي نہ ٻاري وڃي جو ان ۾ بي ادبي ۽ بدفالي آهي، ها جيڪڏهن (حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهين تہ) قَبر جي ويجهو خالي جڳهہ هجي تہ اُتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب (يعني پسنديده عمل) آهي۞ قبرن جي زيارت جي لاءِ هي 4 ڏينهن بهتر آهن: سومر، خميس، جمعو، ڇنڇر. جمعي جي ڏينهن بعد نمازِ فجر قبرن جي زيارت افضل آهي.[2]

---

[1]... شُعَبُ الايمان، جلد:6، صفحہ:201، حديث:7901۔

[2]... 550 سنتيں اور آداب، صفحہ:87 تا 90 ملتقطاً۔

**مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد**: 3 **حصّو**: 16، ۽ **شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ **جو** 91 **صفحات جو رسالو** 550 **سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.**

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو |
| ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو |

**الله پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي** آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم